**AGA KHAN UNIVERSITY EXAMINATION BOARD**

**SECONDARY SCHOOL CERTIFICATE**

**CLASS X**

**ANNUAL EXAMINATIONS (THEORY) 2023**

**Sindhi Paper I**


**Time: 50 minutes  Marks: 30**

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

## هدايتون

1. هر سوال کي ڌيان سان پڙهو.
2. سوالن جا جواب، مهيا ڪيل/ ڏنل جوابن واري ورق تي ڏيو. پنهنجا جواب سوالنامي واري ڪاپيءَ تي بلڪل نہ لکو.
3. جوابي شيٽ تي 100 تائين نمبر ڏنل آهن. توهان 1 کان 30 تائين ڪتب آڻيو.
4. هرسوال جو A، B، C يا D متوقع جواب آهي. انهن مان جيڪو درست هجي ان دائري کي پينسل سان پريو جئين هيٺ ڏيکاريل آهي.

**اميدوار جي صحيح**




5. جيڪڏهن توهان پنهنجو جواب مٽائڻ گهرو ٿا تہ پهريان پنهنجي پهرين جواب کي ربڙ سان ڊاهيو ۽ پوءِ نئون خانو پريو.
6. جوابن واري ڪاپيءَ تي ٻيو ڪجهہ بہ نہ لکو، ڇوتہ ڪمپيوٽر صرف خاني ۾ ڏنل جواب کي ئي پڙهندو.

**ريڪارڊ پھريون:**

- توهان کي ٻہ ريڪارڊ ٻڌرايا ويندا هر ريڪارڊ کي ٻہ دفعا ٻڌرايو ويندو. پھرئين دفعو ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان ڪانپوءِ ريڪارڊ بابت MCQs نمبر 1 کان 7 تائين صفحي نمبر 4 کي ڌيان سان پڙهو توهان کي ريڪارڊ بابت سوال پڙهڻ لاءِ ٻن منٽن جو وقت ڏنو ويندو تنهن ڪانپوءِ توهان کي هڪ دفعو وري ٻہ ساڳيو ريڪارڊ ٻڌرايو ويندو. توهان ريڪارڊ جا اهم نڪتا سوالي پيپر تي نوٽ ڪري سگھو ٿا.
- جڏهن ريڪارڊ ختم ٿي وڃي تہ ريڪارڊ بابت سوالن جا جواب ڏنل جوابي ورق تي چونڊيو.
- هر ريڪارڊ بابت سوالن جا جواب چونڊڻ لاءِ ٽن منٽن جو وقت مقرر ٿيل آهي.
- پھرئين صفحي تي ڏنل هدايتن کي غور سان پڙهو تہ جيئن توهان کي جواب چونڊڻ جي صحيح ڄاڻ ملي سگھي.
- جيستائين توهان کي هدايت نہ ڏني وڃي، تيستائين اڳتي پنو نہ اٿلايو.
- هاڻي پھرئين ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونڊيو.

Annual Examination 2023 for AKU-EB Teaching and Learning only

**اڳتي پنو نہ اُٿلايو جيستائين توهان کي هدايت نہ ڏني وڃي**

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

## ريڪارڊ پهريون:

نوٽ: سوالن کي غور سان پڙهي ۽ سمجهي موزون جواب چونڊيو.

1. ڏنل پيراگرف جي شروعات ۾ بيروت جي جبلن ۾ ڪهڙي خاصيت بيان ٿيل آهي؟
   A. سرسبز
   B. ڏگها وڻ
   C. خطرناڪ
   D. برف وارا

2. ڏنل پيراگراف ۾ بيروت کان دمشق جو سفر گهڻن ڪلاڪن جو بيان ٿيل آهي؟
   A. ٻن
   B. ٽن
   C. چئن
   D. پنجن

3. ڊرائيور ڪهڙي زبان ۾ ڳالهائي رهيو هو؟
   A. اردو
   B. عربي
   C. سنڌي
   D. انگريزي

4. وزارت تعليم جي نمائندن جي ڪهڙي خاصيت ظاهر ٿيل آهي؟
   A. مهمان نوازي
   B. خوش لباسي
   C. اعليٰ تعليم
   D. خوبصورتي

5. ڏنل پيراگراف ۾ لائبريري ۾ وڃڻ لاءِ ڪهڙن ماڻهن جي اجازت آهي؟
   A. شاگردن
   B. عام ماڻهن
   C. امير ماڻهن
   D. ادبي شخصيتن

6. مصنف جي پيٽ سخت ٿيڻ جو سبب ڇا هو؟
   A. وڌيڪ هلڻ
   B. سردي جو لڳڻ
   C. آرام جو نه ڪرڻ
   D. ڪافي جو زياده استعمال ڪرڻ

7. ڏنل پيراگراف جي صنف ڇا آهي؟
   A. ڊرامو
   B. ڪهاڻي
   C. سفر نامو
   D. دعوت نامو

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

**ريڪارڊ ٻيو:**

- هاڻي توهان کي ٻيو ريڪارڊ ٻڌرايو ويندو. جنهن کي ٻه ڀيرا ٻڌرايو ويندو.

پهريون دفعو ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان کانپوءِ MCQs نمبر 8 کان 14 تائين صفحي نمبر 6 کي ڌيان سان پڙهو. توهان کي پڙهڻ لاءِ ٻن منٽن جو وقت ڏنو ويندو. تنهن کانپوءِ هن ريڪارڊ کي هڪ دفعو وري ٻڌرايو ويندو توهان ريڪارڊ جا اهم نڪتا سوالي پيپر تي نوٽ ڪري سگهو ٿا.

- جڏهن ريڪارڊ ختم ٿي وڃي ته ريڪارڊ بابت سوالن جا جواب ڏنل جوابي ورق تي چونڊيو. هن ريڪارڊ جي سوالن کي حل ڪرڻ لاءِ ٻه ٽن منٽن جو وقت مقرر ٿيل آهي.
- هاڻي توهان کي ٻيو ريڪارڊ ٻڌرايو ويندو. ان ريڪارڊ بابت ٻه ست سوال ڏنل آهن.
- توهان ريڪارڊ کي ڌيان سان ٻڌو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونڊيو.

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

**اڳتي پنو نه اُٿلايو جيستائين توهان کي هدايت نه ڏني وڃي**

## ريڪارڊ پيو:

8. ٻڌل پيراگراف ۾ مريد وڏن جوچوڻ ڪيئن ٻڌندو هو؟

A. ڏک سان
B. لالچ سان
C. خوشي سان
D. ناراضگي سان

9. مريد جي ماءُ جڏهن بيمار ٿي پئي ان وقت موسم ڪهڙي هئي؟

A. سرءُ
B. بهار
C. سياري
D. اونهاري

10. مريد جي ماءُ مريد کي پاڻي کڻي بيٺل ڏسي ڇا محسوس ڪيو؟

A. غمي
B. تعجب
C. ناراض
D. پريشان

11. مريد جي ماءُ مريد کي ڪهڙي دعا ڪئي؟

A. صحت جي
B. شادي جي
C. گهڻي دولت جي
D. مقصد ۾ ڪاميابي جي

12. محنت ڪري مريد ڪهڙي عهدي تي پهتو؟

A. استاد
B. ڊاڪٽر
C. واپاري
D. انجنيئر

13. ٻڌل پيراگراف ۾ لفظ ”ڪوسو واءُ“ جو مطلب ڇا آهي؟

A. سفر ڪرڻ
B. خوش رهڻ
C. تڪليف نه ڏسڻ
D. سيءَ کان محفوظ رهڻ

14. ٻڌل پيراگراف مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

A. تعليم حاصل ڪرڻ
B. ماءُ جي خدمت ڪرڻ
C. روزانو ورزش ڪرڻ
D. پاڙيوارن جو خيال رکڻ

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

**اڳتي پنو نہ اُٿلايو جيستائين توهان کي هدايت نہ ڏني وڃي**

**پڙهڻ جون مهارتون:**

**نوٽ:** هيٺ ڏنل مواد کي ڌيان سان پڙهو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونڊيو.

ان مهل سج ڪاپار تي اچي چڪو هو. گرمي ته دنگ ڪري چڪي هئي. چئني پاسي وايومنڊل ۾ موت جهڙي سانت هئي. هوا بنهه بند هئي. وڻ، ٽڻ پنڊپهڻ ٻڃي چڪا هئا. رڳو ڪنهن ڪنهن مهل ڪانگن جي ڪان ڪان ۽ ٻين پکين جو ٻوليون حياتيءَ جو ثبوت ڏيئي رهيون هيون.

مرزو پاڻي ورائي اچي وڻ جي ڇانو هيٺ وينو هو. سندس وارو اڄ ٻن پهرن کان شروع ٿيو هو. پاڻي ورائيندي هن کي ڪيڏو نه آرام آيو هو، جڏهن پاڻي ۾ گهڙي هن ٻه ٽي ڪوڏر جا لاپا هٽي، پنهنجي ٻني ۾ پاڻي ڇڏيو هو. هو گهري ها ته سڪي ڪان ئي پاڻي ورائي ها، پر هو اهڙي سخت گرمي ۾ هن ڄاڻي واڻي واٽر ۾ گهڙي وونئڻن ۾ پاڻي ڇڏيو هو. اوڏيءَ مهل گرميءَ جي شدت ڪارڻ هن کي گهڙي ڪن لاءِ ويچار آيو ته "جيڪڏهن مينهن جا ٻه ٽي ڦڙا پئجي وڃن ها ته واهه واهه" پر وري جو وونئڻن تي نظر پئي هئس جو گل ڪڍيو بيٺا هئا ته ڏڪ ڪڏ ڏڪي ويو هو، سندس دل مان آوازنڪتو: "نه منهنجا مولا نه، مينهن نه وسائجان، ڀل ان کان وڌيڪ گرمي ٿئي. پر هاڻي جي مينهن وسيو ته جهڳو جهڻ ٿي ويندو." پر الاهي ڇو مرزو ڊڄي ويو. سندس اکين آڏو وڏيرو خير محمد ڦري ويو ۽ ڪنن ۾ وڏيري جي ڪمدار علي محمد جو آواز وڄڻ لڳو. "هن ڀيري ڦٽين تفاوي نه لاٿي ته وڏيرو وڏو نقصان ڏيئي ڇڏيندو." مرزو کي اچي ڊپ ورايو ڪيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو جيئن مينهن هن جي حڪم جو اوسيئڙو هجي. هن بس سوچيو ۽ مينهن پيو. پر وري پاڻ ئي پاڻ کي آٿت ڏيڻ لڳو. ائين هجي ها ته سوير مينهن پوي ها. جڏهن هن مسجد ۾ نماز پڙهي هئي ۽ الله سائين کان دعا گهري هئائين.!.....

هن سال هن زمين تي ڏاڍي محنت ڪئي هئي. پوين ٻن سالن جي مدائتي مينهن هٽي فصل جي لاڪ لاهي ڇڏي هئي پر هن سال هو قرض لاهي ڇڏيندو. هن چوپاسي نظر ڊوڙائي ته هر پاسي ساوڪ ئي ساوڪ نظر اچي رهي هئي.

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

15. ڪانگن جي شور مچائڻ جو سبب چا هو؟

A. بک
B. خوف
C. گرمي
D. برسات

16. مرزو پاڻي ورائي اچي ڪٿي ويٺو؟

A. گهر ۾
B. وڻ جي ڇانو ۾
C. دوستن جي وچ ۾
D. وڏيري جي اوطاق ۾

17. هن ڪهاڻي جي مرڪزي ڪردار مرزو جو پيشو ڇا هو؟

A. هاري
B. درزي
C. واپاري
D. ڪمدار

18. هن ڪهاڻي ۾ ”جهڳو جهڻ“ مان ڇا مراد آهي؟

A. تباهي
B. بيماري
C. چالاڪي
D. خوشحالي

19. مرزو مسجد ۾ ڪهڙي عبادت ڪئي؟

A. نماز
B. تلاوت
C. خيرات
D. اعتڪاف

20. مرزو ڪهڙيءَ پريشاني ۾ مبتلا هو؟

A. فصل جو خراب ٿيڻ
B. بارش جو زيادهه ٿيڻ
C. گرمي جو زيادهه پوڻ
D. وڏيري جو قرض ادا نه ڪرڻ

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

**پڙهڻ جون مهارتون:**

**نوٽ:** هيٺ ڏنل مواد کي ڌيان سان پڙهو ۽ ان بابت سوالن جا جواب چونديو.

ظفر حسن پٽ نذر علي سيد، 14 آگسٽ 1937ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو. هو ڳوٺ قطب شاهه، کٽياڻ روڊ ريلوي اسٽيشن حيدرآباد تعلقي جو رهندڙ آهي. پرائمري تعليم وسي تعلقو حيدرآباد ۽ پريڪٽسنگ اسڪول، ٽرينگ ڪاليج فارمين حيدرآباد سنڌ ۾ ورتي ۽ 1947ع ۾ چوٿون درجو سنڌي پاس ڪيو. حيدرآباد سنڌ جي تعليمي ادارن نور محمد هاءِ اسڪول ( مئٽرڪ 1954ع ) گورنمينٽ ڪاليج اڳوڻو ڊي جي نيشنل ڪاليج ( انٽر آرٽس 1957ع ) يونيورسٽي ( بي اي. آنرز 1959ع ۽ ايم اي 1961ع ) ۾ تعليم ورتي. 1961 ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جاگرافيءَ جو استاد مقرر ٿيو ۽ هاڻي ائسوسي ايٽ پروفيسر آهي. انهي وچ ۾ 1977ع کان 1979ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو.

ڪاليج مخزن ڦليليءَ ۾ سندس پهرين ڪهاڻي1955ع ڌاري شايع ٿي پر باقاعدي لکڻ جي شروعات ”رهيل قرض“ سان 1966ع ۾ ڪئي. ساهت ۾ ڪهاڻين کان سواءِ ڪل ۽ ٽوڪ به لکي اٿس، تنهن کانسواءِ ڪجهه اخباري ڪالم، خاڪا، مضمون ۽ تنقيد به لکي اٿس.

ڏرتي ڪتاب سلسلي جا چار ڪتاب، عالمي ادب ( ولي رام ولڀ سان ) سهڻي پبليڪشن (طارق اشرف ۽ نسيم احمد کرل سان، سماجي سائنسون ( اعجاز قريشي سان ) ترتيب ڏنائين. سائنس مئگزين جو به اسٽنٽ ايڊيٽر رهي چڪو آهي. رهيل قرض سندس پهريون ڪتاب آهي.

21. ظفر حسن جي پيءُ جو نالو ڇا هو؟

A. نظير
B. نذير
C. نظر
D. نذر

22. ظفر حسن جي چوٿون ڪلاس تقريبن ڪيتري عمر ۾ پاس ڪئي؟

A. 6 سالن
B. 8 سالن
C. 10 سالن
D. 12 سالن

23. ظفر حسن ادبي بورڊ ۾ ڪهڙي سن ۾ سيڪريٽري مقرر ٿيو؟

A. 1957
B. 1969
C. 1977
D. 1979

24. ظفر حسن جو سنڌ لاءِ ڪهڙيون خدمتون مشهور آهن؟

A. ادبي
B. مذهبي
C. سياسي
D. ڪاروباري

25. ظفر حسن جي ”عالمي ادب“ ڪتاب جي ترتيب ڪنهن ڏني؟

A. ولي رام
B. نسيم کرل
C. طارق اشرف
D. اعجاز قريشي

26. ظفر حسن ڪهڙي مئگزين جو اسٽنٽ ايڊيٽر هو؟

A. ادبي
B. عالمي
C. سماجي
D. سائنس مئگزين

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

## نثر ۽ نظم جو حصو (گلدستو):

**نوٽ:** هيٺ ڏنل سوالن کي ڌيان سان پڙهو ۽ انهن جا جواب چونڊيو.

27. عبدالستار ايڌهي تي والده جي پرورش جو ڪهڙو اثر ٿيو؟

A. راندين جو ماهر
B. ڪاروبار جو جذبو
C. غريبن جو همدرد
D. پڙهڻ لکڻ جو شوقين

28. درسي ڪتاب گلدستو جي مطابق شهري دفينس جي تنظيم ڪيترن حصن ۾ ورهايل آهي؟

A. ٻن
B. ٽن
C. پنجن
D. ڇهن

29. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏوڪري اسٽيشن کي هاڻي ڪهڙي نالي سان سڏين ٿا؟

A. چانڊڪا
B. لاڙڪاڻو
C. الذوالفقار
D. موئن جو دڙو

30. قائد اعظم محمد علي جناح ڪهڙي بئراج جو افتتاح ڪيو هو؟

A. جناح
B. سکر
C. تونسا
D. ڪوٽڙي

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only

# Please use this page for rough work

AKU-EB
Annual Examination 2023 for
Teaching and Learning only